DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES



# ککڑين جي پالنا

# بابت تربيت

## منصوبي جو نالو

ضلعي دادو ۾2022 جي ٻوڏ ستايل ٻهراڙي جي عورتن کي لائيواسٽاڪ, پولٽري ۽ ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ ۽ تربيت وسيلي ڪاروباري صلاحيتون وڌائي کين معاشي طور مضبوط ۽ خود مختيار بنائڻ

## منصوبي جو مقصد

ايف آر ڊي پي پاران ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان ضلعي دادو ۾مخيرپور ناٿن شاھ تعلقي جي ٻوڏ ستايل گھراڻن، جنھن ۾ ٻڪريون، ڪڪڑيون پالينڊڙ ۽ ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي ٻوڏ ۾ ٽيل نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ انھن کي بااختيار بنائڻ لاء هي منصوبو جوڙيو ويو آھ

| مالي معاونت ڪندڙ ادارو | تعاون ڪندڙ ادارو |
| --- | --- |
| ڊِزاسٽَرس ايمرجينسي ڪاميٽي (DEC) | ڪِيئر انٽرنيشنل پاڪستان (CIP) |

## عملدرآمد ڪرائيندڙ ادارو

فاسٽ رُورل ڊِولوپمينٽ پروگرام (FRDP)

## تحرير

نور نبي پنهور (پراجيڪٽ مينيجر دادو)
۽ ڊاڪٽر ڪبير علي ڪلهوڙو

## ليڪ پاران

هي هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ترقي کي هٿي وٺرائڻ آهي، هن منصوبي جو بنيادي مقصد 2022 ۾ آيل مها ٻوڏ دوران هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ٿيل نقصان جهڙوڪ ٻکرين ۽ ککڑين جو مري وڃڻ يا ننڍي سطح تي ڪاروبار جي نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ اهڙين عورتن کي بااختيار بنائڻ آهي

## منصوبي جو تعارف

ايف آر ڊي پي پاران, ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان هي منصوبو 900 گهراڻن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي 2022 جي مهاپوڏ ۾ ٿيل نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ انهن کي بااختيار بنائڻ لاء ڪارآمد ٽيندو جنهن ۾ هيٺين طريقن سان مدد ڪئي ويندي

- 300 عورتن کي ٻکرين ڏيڻ ۽ اُن سان گڏوگڏ ٻکرين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي تربيت ڏني ويندي
- 300 عورتن کي آنا ڏيندڙ ککڑيون ۽ اُن سان گڏوگڏ ککڑين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏني ويندي
- 300 عورتن کي ڪيش گرانٽ ۽ اُن سان گڏوگڏ ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ وڌ کان وڌ منافع واري ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ جي باري تربيت ڏني ويندي

هن منصوبي سان ٻوڏ ستايل گهراڻن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي بهتري ۽ روزمره جي زندگي معمول تي ايندي ۽ اهڙي ريت ٻوڏ ۾ ٿيل نقصان جو پورائو ڪيو ويندو

## منصوبي جون سهولتون

ٻوڏ ستايل ٻهراڙي جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن کي هيٺين شعبن ۾ سهولتون مهيا ڪيون ويندیون جنهن ۾

| | | |
|---|---|---|
| ٻکرين پالينڊڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ | ککڑيون پالينڊڙ عورتن جي سهڪار ۽ خودمختيار بنائڻ | گهريلو سطح تي ننڍا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ |
| 300 عورتن کي ٻکرين مهيا ڪرڻ | 300 عورتن کي آنا ڏيڻ واريون ککڑيون مهيا ڪرڻ | 300 عورتن کي ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ |
| 300 عورتن کي ٻکرين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ | 300 عورتن کي ککڑين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ | 300 عورتن کي پنهنجي ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت جي تربيت ڏيڻ |

# منصوبي جو تربيتي جدول

## ٻڪرين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ لائيواسٽاڪ جي ڊاڪٽرن طرفان ٻڪريون پالينڊڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي, جنهن ۾ ٻڪرين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

## ڪڪڙين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ پولٽري جي ڊاڪٽرن طرفان ڪڪڙيون پالينڊڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي, جنهن ۾ ڪڪڙين جي پالنا, بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

## ننڍن ڪاروبار ڪرڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ ڪاروباري ڪنسلٽنٽ جي طرفان ننڍن ڪاروبار ڪندڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي, جنهن ۾ ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

# ڪڪڙين جو تعارف

پولٽري صنعت ۾ انهن پکين جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪجي ٿي ، جيڪي انسان ذات
لاءِ فائديمند هجن .يعني ڪڪڙيون وغيره
عام طور تي ڪڪڙيون ٻن قسمن جون ٿيندیون آهن
گوشت واريون ڪڪڙيون ۽ آنن واريون ڪڪڙيون

## گوشت واريون ڪڪڙيون Broiler

هي اهي ڪڪڙيون آهن. جيڪي ٿوري وقت ۾ متاريون ٿي وڃن ٿيون.
هي ڪڪڙيون 35 ڏينهن ۾2 ڪلو جيترو وزن ڪنديون آهن. انهي جو
دارومدار انهن کي ڏنل غذا ۽ سار سنڀال تي آهي
هنن ڪڪڙيون کي ڏني ويل غذا کي برائيلر فيڊ چوندا آهن









## آنن واريون ڪڪڑيون

هي ڪڪڑيون گهٽي مقدار ۾ آنا ڏيندیون آهن. هنن ڪڪڑيون جا ڪيترائي قسم آهن





- اچي فارمي ڪڪڑ بيضا ڏيندڑ
- گولڊن مصري
- مصري

## اصيل/ديسي



- هي اسان وٽ عام پاليون وڃن ٿيون
- مختلف علائقن ۾ مختلف رنگ، نندو قد، موڙ نندي ٿئي ٿي
- ديسي نسل جون ڪڪڑيون سال ۾ 40 کان 50 آنا ڏيندیون آهن ۽ 6 مهينن جي
- عمر ۾ آنا ڏيڻ شروع ڪنديون آهن
- ديسي نسل بيمارين جوپڻ جلدي شڪار ٿئي ٿي

## گولڊن مصري



- هي نسل اسان جي ڀهراڙيءَ ديسي نسل جي چوزن کان سخت جان آهن
- هن نسل جي چوزن ۽ ڪڪڑين کي گهريلو سطح تي بہ پالي سگهجي ٿو
- هي ڪڪڑيون عام طور تي 16 کان 18 هفتن تي آنن ڏيڻ تي اچي ويندیون آهن ۽ هي ڪڪڑيون ڏيڍ سال تائين لڳاتار آنا ڏيندیون آهن
- هن نسل جون ڪڪڑيون ديسي جي مقابلي ۾ وڌيڪ بيضا ڏين ٿيون. هڪ اندازي مطابق سال ۾ في ڪڪڑ 200 بيضا ڏئي ٿي
- مصري نسل جي ڪڪڑ جو گوشت به ڪائڻ ۾ ديسي نسل جي ڪڪڑ جهڙو ٿيندو آهي
- مصري ڪڪڑيون آرو نہ ڪنديون آهن پر جيڪڏهن توهان مصري ڪڪڑين جي بيضن مان ٻچا ونڻ چاهيو ٿا تہ ديسي آري واري ڪڪڑ هيٺان بيضا رکي ايڪهين 21 ڏينهن ۾ ٻچا حاصل ڪري سگهو ٿا



## ڪڪڑين جي رهائش




- ڪڪڑين جي پالڻ ۾ ماحول نهايت اهم قردار ادا ڪري ٿو، سڀي پيداوار ۽ صحت لاءِ گهربل ماحول جو هجڻ تمام ضروري آهي
- ڪونڊن ۾ ڪڪڑين جي رهڻ لاءِ ڪُڏيون به ٺاهيون ويندیون آهن ۽ کارن هيٺيان بہ ڏيکيو ويندو آهي
- ڪڪڑين کي انهن جي تعداد موجب ڪُڏين ۽ کارن ۾ ڏيکيو وڃي نہ تہ ڪڪڑيون ڏٻاءُ جو شڪار تي سگهن ٿيون
- ڪڪڑين لاءِ هوادار ڪُڏيون تعمير ڪرڻ گهرجن، جيڪي انهن کي موسمي اثرات کان بچائي سگهن
- ڪڪڑين جي گهر جي ڏيگهہ ڏکڻ کان اُتر جي طرف هجي ۽ ويڪر اوپر کان اولهہ هجڻ گهرجي
- ڪڪڑين جا گهر اهڙي جڳهہ تي ٺاهيا وڃن جتي ٻيا نقصان پهچائيندڑ جانور جهڙوڪ نانگ، نور وغيره نہ پهچي سگهن

## 30 ڪڪڑين جي لاءِ ڪُڏي جي تعمير



- 12 فٽ ڊيگھ ، 12 فٽ ويڪر ۽ 4 فٽ متاهين هجڻ گهرجي ۽ 1 فٽ مٿي پڪي پٽ
- باقي جاءِ ڇاري يا ڪچين سرن سان ڍاهيو
- ڇت کي ڪانن سان يا لوھ جي پراٹي چادر سان ڍڪيو
- ڇت اهڙي ٺاهجي جنهن سان ڪڑيون بارش ۽ اُس کان بچي سگهن
- هيٺ فرش تي ٿورڙي سکل ڇپر يا ڪاني جو ٻورو پکيڙي ڇڏجي
- ٻوري جي تھ 4 انچ هجڻ گهرجي، بهتر رهندو تہ ٻوري سان گڏ ھڪ سيڪڙو چونو ملايو
- ٻوري کي هر وقت خشڪ رکو
- وقفي سان اُلٽ پُلٽ ڪندا رهو تہ جيئن ٻُورو نہ جمي ۽ نہ وري آلو ٿئي
- مهيني ۾ ھڪ دفعو پراٹو پلال يا ٻورو اڇلائي نئون تھ وڇائڻ گهرجي

## گهريلوسطح تي ڪڪڑين جي ڪاڌ خوراڪ



ڪڪڑين جي پيداوار جو دارومدار انهن جي ڪاڌ خوراڪ تي هوندو آهي
خوراڪ کارائڻ جا هيٺيان چار اهم مقصد آهن

- زندگي جي بقا لاءَ توانائي مهيا ڪرڻ
- ڪڪڑين جي پيداوار (آنن، گوشت وغيره) ۾ اضافو ڪرائڻ
- ڪڪڑين ۾ قوت مدافعت وڌائڻ جيئن هو بيمارين سان وڙهڻ جي صلاحيت رکي سگهن
- نسل ڪشي جي عمل کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رکڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ

ڪڪڑين جي خوراڪ جو بندوبست گهريلو سطح تي ڪيو وڃي تو جيئن خرچ گهٽائي سگهجي
گهريلو سطح تي ڪڪڑين پالڻ جو وڏو فائدو اهو آهي تہ ڪڪڑين کي گهر جي بچيل کاڌي پيتي جي شين تي پالي سگهجي تو

### ڪڪڑين جي خوراڪ جو فارمولو

| نمبر | خوراڪ جا جزا | مقدار 50 ڪڪڑيون جي لاءِ روزانو |
|---|---|---|
| 1 | چانورن جو ٽوٽو (ڏارو) | 1.25 ڪلو گرام |
| 2 | ڪل مانيُ | 1.5 ڪلو گرام |
| 3 | ڪڻڪ جو ٻُوسو | 0.5 ڪلو گرام |
| 4 | خُشڪ گوشت جو پائوڈر (فِش ميل | 0.5 ڪلو گرام |
| 5 | تِرن جي کڙ | 0.5 ڪلو گرام |
| 6 | بَرسيم ۽ لُوسڻ جا پَن | 0.5 ڪلو گرام |
| 7 | ڪچي چوني جو پٽر | 200 گرام |
| 8 | لوڻ | 50 گرام |
| | توٽل مقدار | 5 ڪلو گرام |



## ڪڪڑين جي خوراڪ جو فارمولو

- مٿي ڏنل خوراڪي فارمولو 100 ڪڪڑين جي لاءِ 5 ڏينهن جي لاءِ خوراڪ آهي
- هڪ آنا ڏيندڙ ڪڪڙ کي روزانو 10 گرام خوراڪ ڏيڻ گهرجي
- ڪڪڑين کي مليل جُليل خوراڪ ڏيڻ گهرجي
- پينل اناج، گاهہ ۽ سايون پاڇيون، سڪل ماني جا ٽڪر وغيره
- اڪثر ڪڪڑيون پاڻ ئي فصلن، گهرن ۾ بچيل کاڌي مان پنهنجي لاءِ خوراڪ حاصل ڪري وٺنديون آهن
- ٽڪر يا مٿي جا ٽانو خوراڪ ۽ پاڻي لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا
- پاڻي ۽ خوراڪ جا ٽانو گڏ رکڻ گهرجن
- صاف پاڻي سان گڏ ٽانو بہ هميشه صاف ستڙا هجن گهرجن



## چوزن کي آنن مان ڪيرائڻ جا طريقا

چوزن کي آنن مان ڪيرائڻ جا بہ طريقا آهن

### قدرتي طريقو (Natural Brooding)

صدين کان ڳوٺن ۾ چوزا قدرتي طريقي سان آنن مان ڪيرايا ويندا آهن
آري واري ڪڪڑين جي هيٺان آنن کي رکيو ويندو آهي ۽ 21 ڏينهن کانپوء اُنهن آنن مان چوزا نڪري ايندا آهن ۽ پوءِ انهن چوزن کي ڪڪڑيون پالينديون آهي





### جديد سائنسي طريقو (Artificial Brooding)

50 پنجاهہ ، 100سَو يا ان کان وڌيڪ آنا هجن تہ اُنهن مان مصنوئي طريقي سان باآساني چوزا نڪري ويندا آهن
اُنجي لاءِ هڪ الڳ ڪمرو ۽ ضروري سامان جي ضرورت پوندي آهي
ضروري سامان ۾ انڪيوبيٽر جنهن ۾ درجي حرارت ۽ نمي ڪنٽرول ڪئي ويندي آهي ۽ ان ۾ آنا رکي چوزا ڪيرايا ويندا آهن






## قدرتي طريقي سان آرو ڪرائڻ جا بنيادي اصول

- متي جي دلن ۾ آنا رکجن
- آنن کي گرمي جي موسم ۾ تي ڏينهن ۽ سياري ۾ ست ڏينهن کان وڌيڪ نہ رکجي نہ تہ آنا خراب ٿي ويندا
- آنا گڏ ڪرڻ لاءِ اهڙا دلا ڪٽجن جنهن جي مٿاهين حصي ۾ سوراخ هجن
- دلن جي اندر خشڪ گاه ضرور وڇائڻ گهرجي ۽ دِلي جي منهن کي مَلمَل جي سنهي ڪپڙي سان ٻڌجي
- دِلن کي هوا دار ڪمري ۾ رکجي
- دِلن جي هيٺان آلي متي ۽ واري برابر ملائي تي انچ موتي تہ لڳائجي
- ڪُڑڪ ٽيل (آري واري) ڪڪڙ جي هيٺيان هڪ وقت ۾14 کان 20 آنا ڦوڙائي سگهجن ٿا
- آري دوران ڪڪڙ کي ڪُڏي مان نہ ڪيڄي ۽ ان جي خوراڪ ۽ پاڻي جو بندوبست ڪڏي ۾ ئي ڪجي



## ڪڪڑين جون ڪجهہ اهم بيماريون ۽ انهن کان بچاءَ

- شيڊول مطابق وڇڙندڙ بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا لڳرائجن
- بيماري اڇڻ جي حالت ۾ بيمار ڪڪڑين کي تندرست ڪڪڑين کان الڳ رکيو وڃي
- کاڌ خوراڪ جو الڳ بندوبست ڪيو وڃي
- نَوَن ڪڪڑين کي پراڻين ڪڪڑين سان نہ ملايو وڃي
- سُست، خوراڪ نہ کائيندڙ ۽ پيداوار گهٽ ڏيندڙ ڪڪڑين تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي
- بيماري ڪڪڑين جو بروقت علاج ڪرائڻ گهرجي
- بيمارين کان حفاظت لاء ضروري آهي تہ ڪڪڑين جي قوت مدافعت سڌي هجي، قوت مدافعت جو دارو مدار جانور جي موروثيت، ماحول ۽ کاڌ خوراڪ تي آهي




## ڪڪڑين جون ڪجهہ اهم بيماريون

### راڻي کيت (Newcastle Disease)

هن بيماري کي عام طور تي لڙهو چيو وڃي ٿو. هي بيماري هر عمر ۾ ڪنهن بہ پکيَ کي ٿي سگهي ٿي هيَ بيماري هڪ پکيَ کان ٻين پکين ۾ منتقل ٿيندي آهي هن ۾ بيمار پکي کي صحتمند پکي کان الڳ ڪرڻ گهرجي



هن بيماري جون ڪجهہ نشانيون

- سائي وِٺ لاهڻ
- پاڻي واري وِٺ لاهڻ
- ساهہ ۾ تڪليف ٿيڻ
- کاڌي جو هضم نہ ٿيڻ
- ڳاٽو مڙي وڃڻ

## گمبورو (Infamous Bursal Disease)

هڳ بيماري عام طور تي 3 کان 6 هفتن جي عمر واري ڪڪڑين کي ٿيندي آهي
هن بيماري جون هيٺيون نشانيون ظاهر ٿيندیون آهن



- کاڏو نہ کائڻ
- اڇي پاڻي جهڙي وِٺ لاهڻ
- هڪ ٻئي کي وِٺ واري جاءِ تي چَڪ هڻڻ
- مُنهن هيٺ ڪري ۽ اکيون بند ڪري بيهڻ
- پاڻي جو گھٽو استمال ڪرڻ

## ڪورائيزا (Infamous Coraiza)



هي بيماري هر قسم جي پکين ۾ ٿيندي آهي
هن بيماري جون ڪجھ هيٺيون نشانيون آهن

- مُنهن سُڄي وڃڻ
- اکيون سُڄي وڃڻ
- اکين ۾ پيلي رنگ جو مواد گڏ ٿيڻ

## ساھ جي بيماري (C.R.D)



هي بيماري هر قسم جي پکين ۾ ٿيندي آهي
هن بيماري جون ڪجھ هيٺيون نشانيون آهن

- وڏا وڏا ساھ کڻڻ
- سِيٽي جھڙو آواز ڪرڻ
- کاڏو نہ کائڻ وغيرھ

## ڪُڪڑين جي ماتا (Fowl Pox)



هي بيماري عام طور تي وڏن پَکين ۾ ٿيندي آهي ، هن بيماري جا
ڪارڻ مڇر ۽ ٻيا جراثيم ٿيندا آهن
هن بيماري جون ڪجھ هيٺيون نشانيون آهن

- موڙ واري جاءِ تي ڳاڙھا نشان ٿيڻ
- مُنهن سُڄي وڃڻ
- کاڏو نہ کائڻ وغيرھ آهي

## ويڪسين (بچاء جا ٽڪا) ۽ ويڪسينيشن

| آنن ڏيڻ وارين ڪڪڑين جي بچاء جي ٽڪن جو ٽائيم ٽيبل | | | |
|---|---|---|---|
| عمر | بچاء جو ٽڪو | ٽڪي جو وزن | جڳهه |
| پيدائش کان پوء | ماريڪس | 0.4 ML | چمڙي يا گوشت ۾ |
| 5 کان 7 ڏينهن تائين | (ND+IB) لڙهو + ڪونگهرو | 0.025 ML | اک ۾ ڦڙو وجهو |
| 8 کان 12 ڏينهن تائين | گمبورو (IBD) | 0.025 ML | اک ۾ ڦڙو وجهو |
| 21 کان 22 ڏينهن تائين | (ND Lasota)(لڙهو) راڻي ڪيت | 0.025 ML | پاڻي ۾ ملائي پياريو |
| 32 کان 34 ڏينهن تائين | گمبورو (IBD) | 0.025 ML | پاڻي ۾ ملائي پياريو |
| 38 کان 40 ڏينهن تائين | (ND Lasota)(لڙهو) راڻي ڪيت | 0.025 ML | پاڻي ۾ ملائي پياريو |
| 11 هفتي | (ND+IB) لڙهو + ڪونگهرو | 0.25 ML | پاڻي ۾ ملائي پياريو |
| 12 کان 13 هفتي تائين | چيچڪ (Fowl Pox) | هڪ ڊپ پرانگ | کنيڙاتي جي گوشت ۾ |
| 16 هفتي تائين | (ND+IB) لڙهو + ڪونگهرو | 0.50 ML | چمڙي يا گوشت ۾ |
| هر 12 هفتن کانپوء | (ND Lasota)(لڙهو) راڻي ڪيت | 0.50 ML | چمڙي يا گوشت ۾ |

## ڪڪڑين جي رهائش جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



## ڪڪڑين جو صحيح ۽ غلط کاڌو

صحيح طريقو



غلط طريقو



## ککڑين کي پاڻي پيارڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



## ککڑين جي آنن ڏيڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



## ککڑين جي پالنا دوران کجھ ضروري هدايتون

- ککڑين کي پِجري جي اندر رکڻ گھرجي
- ککڑين کي صاف پاڻي ۽ صاف کاڌخوراڪ ڏجي
- کِن ڪچري واري کاڌي پِيتي کان پري رکجي
- پِجري جي مناسب صفائي ستڪائي رکڻ گھرجي
- پاڻي ۽ خوراڪ فيڊر ۽ ڊرنکر ۾ ڏيڻ گھرجي
- پِجري ۾ هوا ۽ روشني جو مناسب بندوبست هجڻ گھرجي
- ککڑين کي وڇڙندڙ بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا ضرور لڳرايا وڃن

# سوال ءِ جواب



DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

# PROVIDING EARLY RECOVERY SUPPORT TO THE AFFECTED POPULATION

## جيڪڏهن اوهان جي نظر ۾ اسان جي عملي متعلق ڪنهن به قسم جي حق تلفائڻ يا ڪرپشن جو ڪو واقعو ٿيو آهي ته اسان سان رابطو ڪيو

## ڪنهن به قسم جي شڪايت يا مشوري ڏيڻ لاءِ اوهان اسان سان هيٺ ڏنل طريقيڪار ذريعي رابطو ڪري سگهو ٿا



موبائل ذريعي




خط ذريعي



اي ميل ذريعي



ڳوٺ جي گڏجاڻين ذريعي



شڪايت باڪس ذريعي



آمهون سامهون

| تنظيم جو نالو | ايف آر ڊي پي | ڪيئر انٽرنيشنل |
|---|---|---|
| شڪايت لاءِ نمبر | +92 3360244673 | +923335753211/051 8852022 WhatsApp |
| اي ميل ذريعي | complaints@frdp.org.pk | pak.feedback@care.org |

## خط جي ذريعي

ايف آر ڊي پي، آفيس سامهون روشن تارا اسڪول بائي پاس روڊ, تعلقو ميهڙ, ضلعو دادو

DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES




# GET IN TOUCH


## Head Office

www.frdp.org.pk +92 22 2651015 info@frdp.org.pk

House No. B-108 HDA Extension North, Behind City School Qasimabad, Hyderabad, Sindh Pakistan

## Project Office Address:

FRDP office Opposite to Roshan Tara School Main Bypass Road Mehar, District Dadu Sindh